امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيَه جي ايمان افروز بيان جو تحريري گلدستو بنام

# غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو علمِ دين سان لڳاءُ

سنڌي



- 60 ڏاڙيل ڪيئن توبه تائب ٿيا؟
- جڏهن ٻانهو سچ ڳالهائيندو آهي ته...
- اولياء جي سڀ کان افضل قسم
- باعمل اُستاد



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو علمِ دين سان لڳاءَ

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْجي ايمان افروز بيان جو تحريري گلدستو.

بنام

# غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو علم دين سان لڳاءُ

## پيشڪش المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# غوث پاڪ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو علمِ دين سان لڳاءُ [1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ الْمصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”**غوث پاڪ** رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ **جو علمِ دين سان لڳاءُ**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي علم دين حاصل ڪرڻ جو شوق ۽ عمل جي توفيق عطا فرماءِ ۽ والدين سميت ان جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّى اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف پڙهڻ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون گذريل رات عجيب واقعو ڏٺو، مون پنهنجي هڪ اُمّتي کي ڏٺو جيڪو پلصراط تي ڪڏهن گِهلجندي ۽ ڪڏهن گوڏن ڀر هلي رهيو هو، ايتري ۾ اهو درود شريف آيو جيڪو ان مون تي پڙهيو هيو، ان درود شريف ان کي پلصراط تي بيهاري ڇڏيو ايستائين جو اُن پلصراط پار ڪري ورتو.

(معجم کبير،25/282،حديث39)

صَلَّى اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد　　　　صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!

---

[1]... امير اهل سُنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ 3 ۽ 4 ربيع الآخر 1441 هجري مطابق 30 نومبر ۽ پهرين ڊسمبر 2019 تي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (ڪراچي) ۾ مدني مذاڪري ڪان پهريان ”غوث پاڪ جو علمِ دين سان لڳاءُ“ ۽ ”غوث پاڪ جي علمي شان“ جي موضوع تي بيان فرمايو الحمدلله الڪريم! شعبہ هفتيوار رسالي جي طرفان هنن بيانن کي ضروري ترميم ۽ اضافي سان گڏ تحريري صورت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي.

# سچ جي برڪت سان 60 ڌاڙيل توبہ تائب ٿيا

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: 9 ذوالحج تي مان گهر کان ٻاهر نڪتس ۽ مان هڪ ڏڳي جي پويان پويان هلڻ لڳس تہ اوچتو ان ڏڳي مون ڏانهن ڏسي چيو: يَاعَبْدَالْقَادِرِ مَالِهٰذَا خُلِقْتَ: يعني اي عبدُالقادر! توهان کي هن قسم جي ڪمن جي لاءِ تہ پيدا ناهي ڪيو ويو، مان گهٻرائجي گهر آيس ۽ پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهي ويس، ڇا ٿو ڏسان تہ ميدانِ عرفات ۾ ماڻهو بيٺا آهن، ان کان بعد مون پنهنجي امڙ سائڻ جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو، منهنجي پياري امڙ سائڻ اوهان مون کي راهِ خدا جي لاءِ وَقف ڪري ڇڏيو ۽ مون کي بغداد وڃڻ جي اجازت عطا ڪيو تہ جيئن مان اتي وڃي عِلمِ دين حاصل ڪيان، والده ماجده رَحْمَةُ اللّٰه عَلَيْهَا مون کان ان جو سبب پڇيو تہ مون ڏڳي وارو واقعو عرض ڪيو، تہ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ والده ماجده راضي ٿي ويون ۽ والده ماجده سامان تيار ڪري چاليهہ (40) دِينار منهنجي گُودڙي (يعني گهٽيون چتيون لڳل مخصوص قسم جي جُبّي) ۾ سبي ورتا ۽ مون کي بغداد وڃڻ جي اجازت عنايت فرمائي ڇڏي ۽ مون کي هر حال ۾ سچ ڳالهائڻ جي تاڪيد ڪيائين ۽ جِيلان جي ٻاهران تائين مون کي ڇڏڻ جي لاءِ آيون ۽ فرمايائون: اي منهنجا پيارا پٽ، وڃو! الله پاڪ جي رضا ۽ خُوشنودي جي خاطر مان توهان کي پاڻ وٽان جُدا ڪيان ٿي ۽ هاڻي مون کي اوهان جو چهرو قيامت ۾ ئي ڏسڻ نصيب ٿيندو (الله پاڪ جي هن ٻانهيءَ

کي خبر هُئي تہ هاڻ مان زندگي ۾ پنهنجي پٽ کي ڏسي نہ سگھنديس.) (بہجۃ الاسرار، ص167)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## والده جي نصيحت مڃڻ جو صلو

پوءِ مان بغداد وڃڻ واري هڪ ننڍي قافلي سان گڏ روانو ٿيس، رستي ۾ اهو واقعو پيش آيو تہ سٺ (60) گھوڙي سوار ڌاڙيلن قافلي کي اچي گھيراءُ ڪيو ۽ قافلي وارن کي ڦرڻ شُروع ڪيو، مون سان ڪنهن زور زبردستي نہ ڪئي، البت انهن ڌاڙيلن مان هڪ شخص مون کان پڇيو تہ توهان وٽ ڇا آهي؟ مون سچ ڳالهائيندي چيو تہ مون وٽ 40 دِينار (يعني چاليهہ سون جا سِڪا آهن.) ان پڇيو: ڪٿي آهن؟ مون ٻڌايو: منهنجي گُودڙي ۾ سِبيَل آهن، هو هن ڳالھ کي مذاق سمجھي مون وٽان هليو ويو، ٿوري دير بعد هڪ ٻئي شخص اچي اهو ئي سُوال ڪيو ۽ مون ساڳيو ئي جواب ڏنو، هو شخص بہ مون وٽان هليو ويو، انهن ٻنهي جڏهن پنهنجي سردار کي اها ڳالھ ٻڌائي تہ ان جي حڪم تي مون کي ان وٽ وٺي ويا، ان وقت اهي سڀ ماڻهو لُٽيل مال پاڻ ۾ ورهائي رهيا هئا، مون کي ڏسي انهن جي سردار پڇيو تہ توهان وٽ ڇا آهي؟ مون ٻڌايو: مون وٽ منهنجي گُودڙي ۾ چاليهہ (40) دينار آهن. سردار جي چوڻ تي منهنجي گودڙي کولي وئي تہ ان مان واقعي چاليهہ (40) دِينار نڪتا، سردار سخت حيران ٿيو ۽ مون کان سچ ڳالهائڻ جو سبب پڇيو تہ مون چيو: منهنجي والده مون کان عهد ورتو هيو تہ مان هميشہ سچ ڳالهايان ۽

ڪڏهن ان عهد جي خلاف ورزي نہ ڪيان، اهو ٻڌي ان سردار جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا ۽ چوڻ لڳو تہ هڪ توهان آهيو جو پنهنجي ماءُ سان ڪيل عهد بہ نڀائي رهيا آهيو ۽ هڪ مان آهيان جو سالن کان وٺي پنهنجي رَبَّ پاڪ جي عهد جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهيان. اُن سردار منهنجي هٿ تي توبہ ڪئي، ان جي ساٿين جڏهن هي معاملو ڏٺو تہ چوڻ لڳا اسان لٽ مار ۾ توهان سان گڏ هئاسين، تہ توبہ ڪرڻ ۾ بہ توهان سان گڏ رهنداسين. (بہجۃ الاسرار، ص168)

نگاہِ ولی میں یہ تاثیر دیکھی بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان جي پياري پياري پيرو مرشد، پيرانِ پير، پير دستگير، روشن ضمير، قطب رباني، محبوب سُبحاني، شيخ سيد ابو محمد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سچ ڳالهڻ جي چا تہ برڪت ظاهر ٿي جو سچ ڳالهائڻ جي برڪت سان ڌاڙيلن ڪي سردار سميت توبہ جي سعادت نصيب ٿي. هر مسلمان ڪي گهرجي تہ اهو پنهنجي ديني ۽ دنياوي سيني معاملن ۾ سچ ڳالهائي، سچ ڳالهائڻ نجات ڏيارڻ ۽ جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

## مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ٽي فرمانَ

❀ ”سچائي ڪي پاڻ تي لازم ڪيو چوتہ هي نيڪي سان آهي ۽ هي ٻئي جنت ۾ (وٺي وڃڻ وارا) آهن ۽ ڪوڙ کان بچندا رهو چوتہ هي گناهہ سان آهي ۽ هي ٻئي جهنم ۾ (وٺي وڃڻ وارا) آهن.“

(ابن حبان، 7 / 494، حديث:5704)

❀ ”جڏهن ٻانهو سچ ڳالهائيندو آهي تہ نيڪي ڪندو آهي ۽ جڏهن نيڪي ڪندو آهي تہ محفوظ ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن محفوظ ٿي ويندو آهي تہ جنت ۾ داخل ٿي ويندو آهي.“

(مسندامام احمد،2 / 589، حديث:6652ملتقطا)

❀ ”ڪيتري وڏي خيانت آهي جو تون پنهنجي مسلمان ڀاءُ کان ڪا ڳالهہ ڪرين جنهن ۾ هو توکي سچو سمجهي رهيو هجي حالانڪ تون ان کان ڪوڙ ڳالهائي رهيو هجي.“ (ابوداود،4 / 381، حديث:4971)

اي عاشقانِ غوث اعظم! بعض اوقات ايئن بہ ٿيندو آهي جو انسان پنهنجي عزت بچائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي جو جيڪڏهن سچ ڳالهائيندو تہ ماڻهو ملامت ڪندا، برو ڀلو چوندا حالانڪ عزت سچ ئي ۾ آهي جڏهن تہ ڪوڙ ۾ جيتوڻيڪ ظاهري طور تي دنيا ۾ بي عزتي کان بچي بہ ويا پر الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ بروز قيامت جيڪا ندامت ۽ شرمندگي ٿيندي اها بيان کان ٻاهر آهي، ڪوڙ کان بچڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ انسان دنياوي ذلت جي مقابلي ۾ جهنم جي اُخروي ذلت ۽ عذابن کي پيش نظر رکي جو دنياوي ذلت تہ ڪجهہ گهڙين جي آهي عنقريب ختم ٿي ويندي پر اُخروي ذلت ان کان بہ وڌيڪ آهي، تنهنڪري ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت جي پرواهہ نہ ڪيو، هميشہ سچ ڳالهايو.

غیبت سے اور تُہمت وچُغلی سے دُور رکھ
خُو گرتُو سچ کا دے بنا یا ربِّ مصطفٰے

عجب و تکبُّر اور بچا حُبِّ جاہ سے
آئے نہ پاس تک رِیا یا ربِّ مصطفٰے

اَمراضِ عِصیاں نے مجھے کر نیم جاں دیا
مُرشِد کا صدقہ دے شِفا یا ربِّ مصطفٰے

(وسائلِ بخشش،ص132)

حضورغوث پاڪ، شهنشاهِ بغداد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ابتدائي تعليم بغداد جي علائقي جيلان ۾ حاصل ڪئي پوءِ وڌيڪ تعليم جي لاءِ سن 488ھ ۾ بغداد تشريف ڪٽي آيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ذوق ۽ تمام سٺي طريقي علمِ دين حاصل ڪيو ۽ پنهنجي تعليم مڪمل فرمائي ڪري پنهنجي زماني جي عالمن ۾ نُمايان مقام حاصل ڪيائون. دوران طالبِ علمي ۾ ڪين فاقہ ڪشي(يعني بکايل رهڻ) جو بہ سامنو ٿيو ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙن ڪهڙن مشڪل مرحلن مان گذرڻو پيو پر ان جي باوجود علم دين حاصل ڪرڻ جو جذبو ٿڌو نہ ٿيو. نهايت محنت و مشقت سان علم دين حاصل ڪندا رهيا ۽ جڏهن هن سلسلي جي تڪميل ٿي وئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فضل و ڪمال جي مقام تي پهتا ۽ تمام وڏا عالم بڻجي ويا، سندن علميت جي شهرت پري پري تائين پهتي تہ سندن اُستاد محترم حضرت شيخ ابو سعيد مخزومي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه درس ۽ تدريس جي لاءِ پنهنجو مدرسو ڪين حوالي ڪيو جنهن جي ذميداري پاڻ خوشي سان نہ صرف قبول ڪيائون بلڪ مسند و تدريس کي خوب رونق بخشي ڪري علم ۽ فنون جي اجارن کي سيراب ڪرڻ لڳا. ( الطبقات الكبرٰى للشعرانى،178/1 ـ نزہۃ الخاطر الفاتر، ص20، بتغیر ـتاريخ مشائخ قادريہ، ص125، 126 ـ قلائد الجواہر، ص134)

منهنجا مرشد، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي قصيده غوثيہ ۾ ارشاد فرمائن ٿا: دَرَسْتُ الْعِلْمَ حتّٰی صِرْتُ قُطْبًا يعني مون علم جو درس ورتو ايستائين جو قطبيت واري مقام تي فائز ٿي ويس.

(قصيده غوثيہ،مدنی پنج سوره264)

وڌيڪ ارشاد فرمايائون: ”فقه جو علم سکو ان کان پوءِ تنهائي اختيار ڪيو جيڪو بغير علم جي خدا جي عبادت ڪندو آهي اهو جيترو سنواريندو ان کان وڌيڪ بگاڙيندو. پاڻ سان گڏ شريعت جي روشني رکو، الله پاڪ جي طرفان سيني کان وڌيڪ قريب رستو بانهپ جي قانون کي لازم پڪڙڻ ۽ شريعت کي مضبوطي سان پڪڙي رکڻ آهي.“

احکامِ شریعت رہیں ملحوظ ہمیشہ
مُرشِد مجھے سنّت کا بھی پابند بناؤ

اچھّوں کے خریدار تو ہر جا پہ ہیں مُرشِد
بدکار کہاں جائیں جو تم بھی نہ نبھاؤ

عطّاؔر کو ہر ایک نے دُھتکار دیا ہے
یا غوث ! اسے دامنِ رحمت میں چُھپاؤ

(وسائلِ بخشش،ص570)

اي عاشقانِ غوث اعظم! اولياءِ ڪرام جي سيني کان افضل قسم صِديق چورائيندي آهي ۽ اَلحَمْدُلِلّٰه! اسان جا غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه صديق هئا. (نیکی کی دعوت، ص580)

## علم لدُنّي جا 70 دروازا

شيخ اَبُو الحسن عمراني ڪيماتي ۽ بزار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِما بغداد ۾ 591 ھ ۾ چيو ته اسان شيخ محي الدين اَبُو محمد عبدالقادر جيلاني وٽ

مدرسي ۾ ”دروازهءِ اَزج“ ۾ 557ھ ۾ حاضر تياسين ۽ هُو انجير کائي رهيا هئا، سو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه کائڻ ڇڏي ڏنو ۽ ڪافي دير تائين بي هوشي جي حالت ۾ رهيا پوءِ فرمايائون: هن وقت منهنجي دل تي علم لدُنّي جا 70 دروازه کوليا ويا آهن. هر هڪ دروازو ايترو وسيع آهي جيئن آسمان ۽ زمين جي ڪشادگي، پوءِ خاص ماڻهن ۾ الله پاڪ جي پهچان جون ڳالهيون ڪافي دير تائين ڪندا رهيا ايستائين جو حاضرين جا هوش اڏامي ويا ۽ اسان چيو تہ اسان کي اهو گمان ناهي تہ شيخ کان بعد ڪو بہ اهڙو ڪلام ڪري سگهي.

(بہجۃ الاسرار، ص 56)

## الله جي ولي کي جڳهہ ڏيو

منهنجا پيرو مرشد سيدي حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ الله عَلَيه پنهنجي ننڍپڻ جي هڪ واقعي جي باري ۾ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن منهنجي ويجهو کان هڪ شخص لنگهيو، جنهن کي مان بلڪل نہ سڃاڻيندو هئس، ان ملائڪن کي ان ڏينهن اهو چوندي ٻڌو تہ ” الله پاڪ جي ولي کي جڳهہ ڏيو“ ان ملائڪن مان هڪ کان پڇيو تہ هي ڇوڪرو ڪير آهي؟ تہ ملائڪن جواب ڏنو تہ عنقريب هن جي شان عظيم ٿيندي، هن کي عطا ڪيو ويندو، منع نہ ڪيو ويندو، هن کي اختيار ڏنو ويندو ۽ روڪيو نہ ويندو ۽ هن کي قريب ڪيو ويندو ۽ هن کان دوکو نہ ڪيو ويندو. حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: پوءِ مون ان شخص کي چاليهہ سالن کان بعد سڃاتو تہ اهو وقت جي ابدالن[1] مان هيو. (بہجۃ الاسرارص48)

[1] هي اولياءِ ڪرام جي هڪ قسم آهي.

خُدا کے فضل سے ہم پر ہے سایہ غوثِ اعظم کا ہمیں دونوں جہانوں میں ہے سہارا غوثِ اعظم کا

عزیزو کر چکو تیار جب میرے جنازے کو تو لکھ دینا کفن پر نامِ والا غوثِ اعظم کا

لَحد میں جب فرشتے مجھ سے پوچھیں گے تو کہہ دوں گا طریقہ قادری ہوں نام لیوا غوثِ اعظم کا

(وسائلِ بخشش،ص93 ، 98 ، 99)

ہیں پیرِ پیراں غوثِ پاک ہیں میرِ میراں غوثِ پاک

محبوبِ سبحاں غوثِ پاک ولیوں کے سلطاں غوثِ پاک

محبوبِ یزداں غوثِ پاک سلطانِ ذیشاں غوثِ پاک

مشکل ہو آساں غوثِ پاک دو درد کا درماں غوثِ پاک

فرماؤ احساں غوثِ پاک راحت کا ساماں غوثِ پاک

بُلواؤ جاناں غوثِ پاک بن جاؤں مہماں غوثِ پاک

جس وقت چلے جاں غوثِ پاک یا پیر ! ہو احساں غوثِ پاک

پورا ہو جاناں غوثِ پاک دیدار کا ارماں غوثِ پاک

ہو جائے مری جاں غوثِ پاک بس آپ پہ قرباں غوثِ پاک

ٹل جائے شیطاں غوثِ پاک بچ جائے ایماں غوثِ پاک

اُف ! حشر کا میداں غوثِ پاک لو زیرِ داماں غوثِ پاک

ہو میری جاناں غوثِ پاک بخشش کا ساماں غوثِ پاک

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# غوث پاڪ جي علمي شان و شوڪت

منهنجا پير و مرشد شهنشاهِ بغداد، حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڏي مشڪل وقت ۾ نهايت محبت ۽ لڳن سان علم دين حاصل ڪيو. حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ فرمائن ٿا: مان پنهنجي طالِبِ عِلمي جي زماني ۾ استادن کان سبق وٺي جنگل ڏانهن نڪري ويندو هئس پوءِ ٻيابانن ۽ وِيرانن ۾ ڏينهن هجي يا رات، آنڌي هجي يا وڏي برسات، گرمي هجي يا سردي پنهنجو مُطَالَعو جاري رکندو هئس، ان وقت مان پنهنجي مٿي تي هڪ ننڍڙو عِمامو ٻڌندو هئس ۽ معمولي سبزي کائي پيٽ جي بک مٽائيندو هئس، ڪڏهن ڪڏهن هي سبزي به نه ملندي هئي پر مان پنهنجو مُطَالعو جاري رکندو هئس، پوءِ ننڊ ايندي هئي ته خالي پيٽ ئي پٿرين کان پريل زمين تي سمهي رهندو هئس. (قلائد الجواہر، ص۱۰ملخصاً)

## علمي مقام

جڏهن منهنجا مرشد غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه علم دين کان فارغ ٿيا ته درس ۽ تدريس جي مسند ۽ افتاء جي منصب تي فائز ٿيا يعني مفتي به بڻيا ته ماڻهن کي وعظ و نصيحت ۽ علم و عمل جي اشاعت ۾ به مصرورف ٿي ويا، جيئن ته سڄي دنيا جا عالم ۽ نيڪ ماڻهو سندن بارگاهه ۾ علم دين سکڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا، ان وقت پوري بغداد ۾ سندن مقابلي جو ڪو عالم نه هو.( قلائد الجواہر،ص5،ملخصاً)

سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه صرف عالِم ۽ مفتي نه هئا بلڪ عِلم جا سمنڊ هئا، سندس کي صِرف علمِ فقه تي ئي مَهارَت نه بلڪ عِلمِ

حديث، عِلمِ تفسير، عِلمِ نَحو ۽ عِلمِ ادب وغيره کوڙ عُلُوم تي بہ مڪمل مَهارَت حاصِل هئي. سندن عِلمِ حديث ۾ مَهارَت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو جو جڏهن پاڻ علمِ حديث حاصِل ڪرڻ کان فارِغ ٿيا تہ سندن استاد سڳورن هنن لفظن ۾ پنهنجا تاثرات ڏنا تہ اي عبدُالقادِر! حديث مبارڪ جي الفاظن جي سَنَد تہ اسان اوهان کي ڏئي رهيا آهيون، جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ حديث جي معنيٰ ۽ مَفهوم جو سمجهڻ اسان اوهان کان ئي سکيو آهي.

(حيات المعظم فی مناقب غوث اعظم ،ص ٣٦ بتغير قليل)

جڻ استاد چئي رهيا آهن تہ جيتوڻيڪ ظاهري طور تي اسان تنهنجا استاد آهيون پر حقيقت ۾ باطني طور تي تہ اوهان اسان جا استاد آهيو.

تُو ہے وہ غوث کہ ہر غوث ہے شیدا تیرا　　تُو ہے وہ غیث کہ ہر غیث ہے پیاسا تیرا

سورج اگلوں کے چمکتے تھے چمک کر ڈوبے　　اُفقِ نور پہ ہے مہر ہمیشہ تیرا

(حدائقِ بخشش،ص23)

شرح ڪلامِ رضا: غوث ولين جو اعليٰ منصب آهي، ٻين غوثن جا بہ اوهان غوث آهيو يعني اوهان غوثُ الاَغواث آهيو جو ٻيا غوث بہ اوهان سان چاهت رکڻ وارا آهن، اوهان اهي ڪوهہ آهيو جو خود ڪوهہ بہ اوهان جا پياسا آهن.

حُضُور غوثِ پاڪ رحمۃ اللہ علیہ کي عِلمِ دِين ڦهلائڻ جو ايتري قدر ذُوق ۽ شوق هو جو پاڻ پنهنجو وقت بالڪل ضايع نہ فرمائيندا هئا، سندن علمي ڪمن ئي ۾ اڪثر مصروف رهندا هئا، ٻين شهرن جا

شاگرد بہ پاڻ رَحْمَةُ الله عَليه جي ساراهہ ۽ عُلوم ۽ فُنون ۾ مهارت جي شهرت ٻڌي سندن وٽ عِلمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ سندن فيض مان برڪتون ماڻڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا رهيا، سندن علم ۽ عمل جا اهڙا پيڪر هئا جو جيڪو بہ ڪين وٽ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيندو هو، هو خالي هٿ نہ موٽندو هو يعني علم سان گڏوگڏ عمل بہ پڙهائي ڇڏيندا هئا.

## باعمل استاد

هي نهايت قابل غور نڪتو آهي تہ استاد اهڙو باعمل هجڻ گهرجي جو ان وٽ پڙهڻ وارو باعمل بڻجي وڃي، پهريان نمازي هيو تہ تهجد گذار بڻجي وڃي. پهريان ان جو ظاهر صحيح هيو تہ هاڻي اُستاد جي برڪت سان باطن بہ روشن ٿي وڃي، ڪاش! اهڙو استاد هجي. حضرت سَيِدُنا قاضي ابو سعيد مُبارَڪ مخزومي رَحْمَةُ الله عَليه جو بغداد ۾ هڪ مدرسو هو، هو ان ۾ وعظ ۽ نصيحت ۽ علم حاصل ڪرڻ وارن کي علم سيکاريندو هو، جڏهن قاضي صاحب کي سندن علمي ۽ عملي فضل و ڪمالات ۽ فهم و فراست جي خبر پئي تہ قاضي صاحب پنهنجو مدرسو پاڻ رَحْمَةُ الله عَليه جي حوالي ڪري ڇڏيو پوءِ ماڻهن جو وڏو تعداد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيڻ لڳو.( سيرت غوث اعظم ص ۵۸ ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# هڪ آيت جون چاليهه معنائون بيان فرمايائون

هڪ ڏينهن ڪنهن قاريءَ صاحب حضور غوثِ اَعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مجلس ۾ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي، تلاوت کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله عليه وعظ جي شروعات ڪئي ۽ تلاوت ڪيل آيت جي تفسير ۾ هڪ معنيٰ بيان فرمائي پوءِ ٻه ان کان بعد ٽي معنائون بيان فرمايائون پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله عليه هڪ هڪ ڪري يارهن (11) معنائون بيان ڪيون، ۽ پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله عليه ان هڪ آيتِ مُبارَڪ جا چاليهه (40) تفسيري قول بيان ڪيا ۽ هر هر قول جي قائل(چوڻ واري) جو نالو به ٻڌايو، سندن علمي دليل تفصيل سان ٻڌي ڪري سڀئي حاضرين حِيران ٿي ويا.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اظهار عقيدت

امام ابوالحسن علي بن هيتي رَحْمَةُ الله عليه فرمائن ٿا: مون حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله عليه سان گڏجي حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف جي زيارت ڪئي، مون ڏٺو ته حضرت سيّدنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قبر شريف مان ٻاهر نڪتا ۽ حضور سيّدي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله عليه کي پنهنجي سيني سان لاتو ۽ انهن کي بهترين لباس پارائي ارشاد فرمايو: ”اي شيخ عبدالقادر! بيشڪ مان علمِ شريعت، علمِ حقيقت ۽ علمِ حال ۽ فعلِ حال ۾ توهان جو محتاج آهيان“. (بهجة الاسرار، ص 226)

مفتي احمد يار خان رحمۃُ اللہِ علیہ لکن ٿا:

تجھی کو دیکھنا تیری ہی سُننا تجھ میں گم ہونا    حقیقت معرِفت اہلِ طریقت اِس کو کہتے ہیں
ریاضت نام ہے تیری گلی میں آنے جانے کا    تَصوُّر میں تِرے رہنا عبادت اِس کو کہتے ہیں

(مراٰۃ المناجیح،513/6)

فتاويٰ رضويہ جلد 26 ص 433 تي آهي: حضور(غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہِ علیہ) هميشہ کان حنبلي هئا ۽ بعد ۾ جڏهن عينُ الشريعةِ الکبريٰ تائين پهچي منصبِ اجتهادِ مطلق حاصل ٿيو مذهبِ حنبل کي ڪمزور ٿيندي ڏسي ان جي مطابق فتويٰ ڏني جو حضور(يعني غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہِ علیہ) محي الدين(يعني دين کي زنده ڪرڻ وارا) ۽ دينِ متين جا هي چارئي ستون آهن، ماڻهن جي طرفان جنهن ستون ۾ ڪمزوري ايندي ڏٺائين ان جي تقويت فرمائي (يعني ان کي مضبوط ڪيائين.)

جو وَلی قبل تھے یا بعد ہوئے یا ہوں گے    سب اَدب رکھتے ہیں دِل میں مِرے آقا تیرا
بقسم کہتے ہیں شاہانِ صریفین و حریم    نہ ولی ہو نہ ہوا ہے کوئی ہمتا تیرا

(حدائقِ بخشش،ص23، 24 )

## طالبن سان محبت

منهنجي پياري پياري مُرشد حضرت غوث الثقلين جي مبارڪ زندگي جو هڪ اهم پهلو اهو بہ آهي تہ پاڻ رحمۃُ اللہِ علیہ دين جو ڪم اهڙي وقت ۾ شروع ڪيو جڏهن چئني طرف فتني ۽ فساد جو دور هيو، ملت اسلاميہ ڪافي بدحالي جو شڪار هئي، هن نازڪ حالتن

۾ اسان جي پياري پياري مرشد، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه بغداد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ پٽڪيل انسانيت کي راهِ راست تي آڻڻ جي لاءِ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. سرڪارِ غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه علم و عمل جا پيڪر ۽ زبردست حُسن اخلاق جا مالڪ هئا، پاڻ طالبن تي تمام گهڻي شفقت فرمائيندا هئا انهن جي ننڍين ننڍين ضرورتن جو بہ خيال رکندا هئا. امام اِبنِ قُدَامَہ حنبلي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه جي بارگاھ ۾ حضرت سَيدُنا غَوثُ الاعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه جي باري ۾ سُوال ڪيو ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه جواب ڏنو تہ اسان سندن جي عمر جو آخري حصو ڏٺو ۽ سندن مدرسي ۾ مقيم رهياسين، اسان جو اهڙي طرح خيال رکيو ويندو هو جو ڪڏهن تہ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه پنهنجي شهزادي حضرت يحييٰ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه کي اسان ڏانهن موڪليندا هئا، اهي اسان لاءِ چراغ روشن ڪندا هئا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه اسان لاءِ پنهنجي گهران ڪاڌو موڪليندا هئا. ( سير اعلام النبلاء 183/15)

## گهٽ ذهن واري طالبِ علم تي شفقت

منهنجي مرشد پاڪ، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه جو ديني طالبن تي شفقت جو هڪ پهلو اِهو بہ هو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه انهن جي ڪمزورين کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا هئا، هي اسان جي استادن جي لاءِ وڏو بهترين مثال ۽ تقليد لائق واقعو آهي حضرت شيخ احمد بن مبارڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه فرمائن ٿا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه وٽ هڪ عجمي (يعني غيرعربي) طالبِ علم پڙهندو هو، اِهو نهايت ڪُندُ ذِهن (يعني گهٽ ذهن وارو) هو، ان کي وڏي مشڪل سان ڪا شيءِ سمجهہ ايندي هئي، هڪ ڀيري اهو

طالبِ علم سندن وٽ ويهي سبق ياد ڪري رهيو هو تہ ابن سَمّحَل نالي هڪ شخص حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيو، جڏهن ان هن طالبِ علم جي ڪُندُ ذِهنِي ۽ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو ان جي ڪُندُ ذِهنِي تي صبر وتَحَمَّل ڏٺو تہ ان کي ڏاڍو تعجب ٿيو، جڏهن اِهو طالبِ علم اتان اٿي هليو ويو تہ ابن سَمّحَل عرض ڪيو تہ هن طالبِ علم جي ڪُندُ ذِهنِي ۽ اوهان جي صبر تي مون کي حيرت آهي، پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمايو تہ منهنجي محنت ان سان صرف هڪ هفتي کان بہ گهٽ رهجي وئي آهي ڇوتہ هن طالبِ علم جو وصال ٿي ويندو. حضرت احمد بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ان ڏينهن کان اسان اُن طالبِ علم جا ڏينهن ڳڻيندا رهياسون ۽ جڏهن هڪ هفتو پورو ٿيڻ وارو هو تہ آخري ڏينهن واقعي اُن طالبِ علم جو وصال ٿي ويو. (قلائد الجواهر، ص۔ 8 ملخصًا)

اي عاشقانِ غوث اعظم! منهنجا پير روشن ضمير بہ هئا، ڇوتہ ڪين اها خبر بہ هئي تہ هي ڪڏهن مرندو. غوث پاڪ جو ڪندذهن طالب علم تي محنت ڪرڻ ۽ شفقت سان پڙهائڻ اسان جي لاءِ پيروي جي لائق آهي، عام طور تي استاد جي شفقت ذهين طالب علم جي لاءِ هوندي آهي رضاءِ الٰهي سامهون هجي تہ يقيناً گهٽ ذهن واري طالب علم تي محنت ڪرڻ تي وڌيڪ ثواب ملندو ڇوتہ جيڪو عمل دنيا ۾ مشڪل هوندو آهي ايترو ئي قيامت جي ڏينهن نيڪين جي پڙ ۾ وزندار ٿيندو، جيئن تہ منقول آهي: اَفْضَلُ الْاَعْمَالِ اَحْمَزُهَا يعني افضل ترين عمل اهو آهي جنهن ۾ تڪليف گهڻي هجي.

(مرقات، 6 / 549، تحت الحديث : 3383)

لهٰذا گهٽ ذهن واري طالب علم تي زحمت وڌيڪ هوندي آهي، اُن تي ڪاوڙ بہ ايندي آهي جو اهو سمجهندو ناهي پر جيڪڏهن پوءِ بہ ڪو صبر سان دين پڙهائيندو رهي ۽ ثواب بہ ڳڻ ڪندو وڃي تہ چا ڳالھ آهي.

## امير اهل سُنت جي ڪمال ديني سوچ

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه فرمائن ٿا: منهنجو اهو ذهن آهي تہ ڪو ڪيترو ئي گهٽ ذهن وارو هجي ان کي مدرسة المدينہ يا جامعة المدينہ مان فارغ نہ ڪرڻ گهرجي نہ تہ ان پاڻ کي بہ ديني نقصان پهچندو شايد ان جي خاندان کي بہ ديني نقصان پهچي. ان جي خاندان وارن کي بہ نفرت ٿي ويندي تہ اسان پنهنجي ٻارن کي الله پاڪ جو نالو سيکارڻ چاهيو ٿي، رسول الله جي حديث سيکارڻ چاهي ٿي، وڏي ارمان سان موڪليو پر ان کي ڪڍيو ويو. الله پاڪ دعوت اسلامي کي وڏو اسٽيٽس ۽ معيار ڏنو آهي. ڪو اهڙي طرح بہ هزار استادن کي جمع ڪري ڏيکاري. الله پاڪ جو وڏو ڪرم آهي، اَلْحَمْدُلِله! غوث پاڪ جي غلامي جي مهر آهي. بهرحال گهٽ ذهن وارو طالب علم هجي تہ ان کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي وس آهر ان تي ڪوشش جاري رکڻ گهرجي، اڄ نہ تہ سڀاڻي، سڀاڻي نہ تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ ان شاءالله پڙهي ويندو، هي نہ بہ پڙهي سگهيو تہ سندس اولاد اڳتي پڙهي ويندي....... الله ڪري منهنجي ڳالھ سمجھ ۾ اچي وڃي.!!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# اُستاد جو مقصود

امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: اُستاد شاگردن تي شفقت ڪري ۽ انهن کي پنهنجي پٽن جهڙو سمجهي. اُستاد جو مقصد اهو هجي تہ اهو شاگردن کي آخرت جي عذاب کان بچائيندو (احياء العلوم، 82/1)

استاد جو اهو مقصد هجي تہ پاڻ کي ۽ پنهنجي شاگردن کي جهنم جي باهہ کان بچائڻو آهي. ڪاش! ديني مدرسن ۾ پڙهائڻ وارا استاد جيڪڏهن حضور غوث پاڪ جي سيرت تي عمل ڪندي پنهنجي ديني طالبن سان پنهنجي پٽن جيان سلوڪ ڪن تہ سني علمي ۽ عملي طور تي مضبوط عالمن جي ڪثرت ٿي ويندي. اِن شاءَ الله

## فتويٰ نويسي جا بادشاه

منهنجا مُرشد غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْہِ درس و تدريس، تصنيف و تاليف، وعظ و نصيحت ۽ ان کان علاوه مختلف علمي شعبن ۾ انتهائي مهارت رکندا هئا پر خاص طور تي فتويٰ نويسي ۾ ڪين اهو ڪمال حاصل هيو جو ان دور جا وڏا وڏا عالم، فقهاء ۽ مفتيانِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللہُ السَّلَام بہ سندن لاجواب فتوائن سان حيران ٿي ويندا هئا. شيخ امام مُوَفّقُ الدّين بن قُدامَہ رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْہِ فرمائن ٿا تہ اسان ڏٺو تہ شيخ سيّد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْہِ انهن مان آهن جن کي بغداد ۾ علم و عمل ۽ فتويٰ نويسي جي بادشاهت ڏني وئي آهي. (بهجة الاسرار، ص ۔ 225)

سندن علمي مهارت جو اِهو عالم هو تہ جيڪڏهن سندن کان مشڪل ترين مسئلا بہ پڇيا ويندا ها تہ پاڻ انهن مسئلن جو نهايت

آسان ۽ خوبصورت جواب ڏيندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه درس و تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ تقريباً (33) سال دينِ اسلام جي خدمت ڪئي، هن دوران جڏهن سندن فتوائون عراق جي عالمن وٽ آنديون وينديون هيون تہ اهي سندن جواب پڙهي حيران ٿي ويندا هئا.

(بهجة الاسرار، ص۔ 225 ملتقطا و ملخصًا)

## مشڪل مسئلي جوآسان جواب

منهنجي مرشد غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا صاحبزادا حضرت سَيدُنا عبدُ الرزّاق جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ سوال موڪليو ويو تہ هڪ شخص ٽن (3) طلاقن جو قَسَم اهڙي طرح کنيو تہ هو الله عَزَّوَجَلَّ جي اهڙي عبادت ڪندو، جيڪو ان وقت سڄي زمين تي ڪو ٻيو شخص نہ ڪري رهيو هوندو، جيڪڏهن اهو ائين نہ ڪري سگهيو تہ ان جي گهر واريءَ کي 3 طلاقون، جڏهن سندن جي بارگاهہ ۾ اهو مسئلو پيش ڪيو ويو ۽ پڇيو ويو تہ هو شخص ڇا ڪري ۽ ڪهڙي اهڙي عبادت ڪري جو ان جي زال طلاقن کان بچي وڃي ۽ قسم بہ نہ ٽُٽي؟ تہ پاڻ هڪدم ان جو جواب ڏيندي ارشاد فرمايائون: تہ هي شخص مڪي شريف وڃي ۽ طواف جي جڳهہ کي خالي ڪرائي اڪيلو طواف ڪري، ان جي قسم بہ پوري ٿي ويندي ۽ ان جي زال کي طلاق بہ نہ ٿيندي، سندن هن جواب سان عالم سڳورا حيران رهجي ويا. (بهجة الاسرار، ص۲۲۶ملخصاً)

واقعي طواف ئي هڪ اهڙي منفرد عبادت آهي جيڪا سڄي دنيا ۾ هڪ جاءِ تي ادا ٿيندي آهي جيڪڏهن ڪو اڪيلو طواف ڪري تہ پوري زمين ۾ ڪٿي بہ طواف ڪرڻ وارو نہ هوندو.

علومِ مُصطفےٰ و مُرتضےٰ کے تمہیں پر ہیں کھلے اَسرار یا غوث

(قبالۂ بخشش،ص120)

ہیں پیرِ پیراں غوثِ پاک ہیں میرِ میراں غوثِ پاک

محبوبِ سبحاں غوثِ پاک ولیوں کے سلطاں غوثِ پاک

محبوبِ یزداں غوثِ پاک سلطانِ ذیشاں غوثِ پاک

مشکل ہوآساں غوثِ پاک دو درد کا درماں غوثِ پاک

فرماؤ احساں غوثِ پاک راحت کا ساماں غوثِ پاک

بُلواؤ جاناں غوثِ پاک بن جاؤں مہماں غوثِ پاک

جس وقت چلے جاں غوثِ پاک یا پیر! ہو احساں غوثِ پاک

پوراہو جاناں غوثِ پاک دیدارکا ارماں غوثِ پاک

ہو جائے مری جاں غوثِ پاک بس آپ پہ قرباں غوثِ پاک

ٹل جائے شیطاں غوثِ پاک بچ جائے ایماں غوثِ پاک

اُف! حشر کا میداں غوثِ پاک لو زیرِ داماں غوثِ پاک

ہو میری جاناں غوثِ پاک بخشش کا ساماں غوثِ پاک

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net